16
April
2026

# نيڪي

## عُمر وڌائيندي آهي



هفتيوار سنتن ڀريءَ اجتماع ۾ ٿيڻ وارو سنتن ڀريو بيان (For Islamic Brothers)

16 اپريل 2026ع (بمطابق: 27 شوال شريف 1447ھ)

تي پاڪستان ۾ دعوتِ اسلامي جي هفتيوار اجتماعات ۾ ٿيڻ وارو بيان

# نيڪي عُمر وڌائيندي آهي

هن بيان ۾ توهان ڄاڻي سگھندؤ

✿ ... ڏِکھي ڄمار جي دعا ڪيئن ڏجي؟

✿ ... جنت ۾ اڳ ۾ داخل ٿيڻ جو سبب

✿ ... 100 سالن جي عمر ۾ به جسماني قوت سلامت

✿ ... ڪمالِ ايمان جي لاءِ ضروري عَمَل

پيشڪش

اَلْمَدِيْنَةُ الْعِلْمِيَة

Islamic Research Center

(شعبہ: بیاناتِ دعوتِ اسلامی)

FOR FEEDBACK
(+92) 315 2692 786

GET MORE SPEECHES
(+92) 310 8882 033

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى خَاتَمِ النَّبِيّٖن

اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْم بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْم

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا رَسُوْلَ الله     وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا حَبِيْبَ الله

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا نَبِيَّ الله     وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا نُوْرَ الله

نَوَيْتُ سُنَّتَ الْاِعْتِكَاف (ترجمو: مون سنّتِ اعتڪاف جي نيّت ڪئي)

## درودِ پاڪ جي فضيلت

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم:

مَنْ اَكْثَرَ الصَّلَاةَ عَلَيَّ نَوَّرَ اللّٰهُ قَلْبَهٗ

**ترجمو:** جيڪو مون تي ڪثرت سان درود شريف پڙهندو الله پاڪ ان جي دل روشن فرمائي ڇڏيندو.(1)

ان کی ہی بارگاہِ مُنَوَّر میں صبح و شام | کونین میں ہیں سب سے جو افضل، درود پڑھ
برسے گی رحمتِ شہِ ابرار بالیقیں | مٹ جائے گا گناہوں کا کاجل، درود پڑھ

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب!    صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

## بيان ٻڌڻ جون نيتون

حديث پاڪ ۾ آهي: اِنَّمَا الْاَعْمَالُ بِالنِّيَّات عملن جو دارومدار نيتن تي آهي. (2)

اي عاشقانِ رسول! سنين نيتن سان عمل جو ثواب وڏي ويندو آهي،

---

[1]... بُستان الواعظين، مجلس ثان من مجلس السابع عشر، صفحه:405۔

[2]... بخاری، كِتَاب بَدءُ الْوَحی، صفحه:65، حديث:1۔

اچو تہ بيان ٻڌڻ کان پهريان سنيون سنيون نيتون ڪري وٺون ٿا. نيت ڪيو تہ ! ◈ الله جي رضا جي لاءِ بيان ٻڌندس ◈ باادب ويهندس ◈ خوب توجهہ سان بيان ٻڌندس ◈ جيڪو ٻڌندس ان کي ياد رکڻ، پاڻ عمل ڪرڻ ۽ ٻين تائين پهچائڻ جي ڪوشش ڪندس.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

## نيڪ ڪَمَن جي دعا ڪريو!

حضرت سفيان ثوري رحمۃُاللہِعلیہ فرمائن ٿا: هڪ ڀيرو هڪ شخص امير المؤمنين حضرت عمر بن عبد العزيز رحمۃُاللہِعلیہ کي دعا ڏيندي چيو:

اَبْقَاكَ اللّٰهُ

الله پاڪ توهان کي ڊگهي عمر عطا فرمائي.

حضرت عمر بن عبد العزيز رحمۃُاللہِعلیہ جي سوچ وڏي ڪمال جي هئي. اسان جهڙن کي ڪو ڊگهي عمر جي دعا ڏئي تہ اندر ئي اندر ۾ هڪ قسم خوشي محسوس ٿيندي آهي، دل ۾ خيال ايندو آهي تہ اهڙي نيڪ هستيءَ ڊگهي عمر جي دعا ڏني آهي، هاڻي تہ آئون 100 سال جيئندس (خير! اهڙو خيال اچڻ ۾ بہ ڪا برائي نہ آهي، پر حضرت عمر بن عبد العزيز رحمۃُاللہِعلیہ جي سوچ ڏسو!) پاڻ فوراً فرمايائون:

هٰذَا قَدْ فُرِغَ مِنْهُ اُدْعُ بِالصَّلَاحِ

**ترجمو:** يعني (عمر ڪيتري ٿيندي) اهو تہ طئي ٿي چڪو آهي، منهنجي لاءِ نيڪ عملن جي دعا ڪريو![1]

[1] الطبقات الكبرىٰ، رقم:995، عمر بن عبد العزيز، جلد:5، صفحہ:297۔

## ڊِگهي ڄمار جي دعا ڪهڙي طرح ڏيون...؟

پيارا اسلامي ڀائرو! ڳالهه واقعي سمجهڻ جي آهي. عام طور تي سيني ڪي گهڻو عرصو زنده رهڻ جي خواهش هوندي آهي، عام طور تي اسان هڪ ٻئي کي دعائون به ڏيندا آهيون: هزارين سال جيئو! وڏي عمر ماڻيو! وڏي عمر وارن شخصن سان ملاقات ٿيندي آهي ته اُهي پيار مان مٿي تي هٿ رکي چوندا آهن: شال ڊگهي حياتي ماڻيو!

اهڙيون دعائون ڏيڻ ۾ ڪو حرج نه آهي، دنيا ۾ وڌيڪ عرصو زنده رهڻ جون به الڳ فضيلتون آهن، پر مان ڳالهه سوچ جي ڪري رهيو آهيان. حضرت عمر بن عبد العزيز رحمۃُاللہِعلیه توجهه ڏياري ته زندگي ته جيتري آهي، سا آهي، تقدير ۾ لکجي چڪي آهي، اوهان منهنجي لاءِ نيڪ عملن جي دعا ڪريو ته جيستائين زنده رهان، نيڪيون ڪندو رهان.

سُبْحٰنَ الله! اهڙي سوچ اسان کي به اپنائڻ گهرجي، پنهنجي عادت ٺاهي ڇڏيو ته جڏهن به ڪنهن کي ڊگهي عمر جي دعا ڏيڻي هجي ته هن طرح ڏيو: **الله پاڪ توهان کي نيڪين ڀَري ڊگهي عمر عطا فرمائي.**

رضاؔ منزل تو جیسی ہے وہ اِک میں کیا، سبھی کو ہے
تم اس کو روتے ہو، یہ تو کہو یاں ہاتھ خالی ہے

**وضاحت**: اي رضا! (هن دنيا مان) وڃڻ جي غم ۾ ڇو ٿا روئو؟ وڃڻ ته طئي آهي، سيني کي هڪ ڏينهن (هتان) وڃڻو ئي آهي. روئڻ ته ان ڳالهه تي گهرجي ته نيڪ عملن کان پنهنجو اعمال نامو خالي آهي.

# صرف زنده رهڻ ڪافي نه آهي

الله پاڪ قرآن ڪريم ۾ فرمايو آهي:

وَمَا هُوَ بِمُزَحْزِحِهٖ مِنَ الْعَذَابِ اَنْ يُّعَمَّرَ ؕ وَاللّٰهُ بَصِيْرٌۢ بِمَا يَعْمَلُوْنَ ﴿۹۶﴾

(پارو: 1، سورة بقرة: 96)

ترجموڪنزالعرفان: حالانڪ ايتري عمر جو ڏنو وڃڻ به ان کي عذاب کان پري نه ڪري سگهندو ۽ الله انهن جي سمورن عملن کي چڱي طرح ڏسي رهيو آهي.

يعني صرف هن دنيا ۾ سالن تائين زنده رهڻ عذاب کان بچائي نه سگهندو. موت هرحال ۾ اچڻو ئي اچڻو آهي. ايئن نه ٿيندو ته فلاڻو جيئن ته 2000 سال زنده رهيو، تنهنڪري ڪيس بخشيو وڃي، فلاڻو جيئن ته 50 سال زنده رهيو، ان ڪري سندس پڪڙ ڪئي وڃي. الله پاڪ سيني جا اعمال ڏسي رهيو آهي، هر ڪنهن کي ان جي عمر مطابق نه پر زندگيءَ ۾ ڪمايل عملن جي مطابق جزا ڏني ويندي.

ایک دن موت آ کر رہے گی ضَرور
اِس کو تم مجرِمو! کچھ سمجھنا نہ دور

بعدِ مُردَن (موت) نہ پاؤ گے کوئی سُرور
ایسے ہو جائے گا خاک سارا غُرور (1)

## سنو ڪير آهي

اسان جي پياري پياري آقا و مولا، مڪي مدني مصطفٰي صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَ آلِهٖ وَسَلَّم جي خدمت ۾ سوال ٿيو: يَارَسُوْلَ اللّٰهِ اَىُّ النَّاسِ خَيْرٌ؟ يعني يارسول الله صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَ آلِهٖ وَسَلَّم! سٺو شخص ڪير آهي؟ فرمايائون: مَنْ طَالَ عُمُرُهٗ وَحَسُنَ عَمَلُهٗ يعني جنهن جي عمر ڊگهي ۽ سندس اعمال چڱا هجن، اُهو شخص بهترين آهي. پوءِ ٻيهر

[1]...وسائل بخشش، صفحه:654۔

سوال ڪيو ويو: أَيُّ النَّاسِ شَرٌّ؟ يعني برو انسان ڪير آهي؟ ارشاد فرمايائون: مَنْ طَالَ عُمُرُهُ وَسَآءَ عَمَلُهُ يعني جنهن جي زندگي ڊگهي ۽ سندس اعمال برا هجن، اُهو برو ماڻهو آهي.(1)

معلوم ٿيو تہ ڊگهي عمر بہ سٺي آهي ۽ ڊگهي عمر جي خواهش بہ ڏاڍي سٺي آهي جڏهن تہ اعمال سٺا هجن، نيڪيون ڪمائڻ ۽ پنهنجي رب ڪريم کي راضي ڪرڻ لاءِ ڊگهي عمر جي خواهش ڪئي وڃي. جيڪڏهن اعمال برا آهن تہ پوءِ ڊگهي عمر وبال بڻجي ويندي آهي تنهنڪري اسان کي گهرجي تہ اسان پنهنجي زندگيءَ جو رخ درست رکون.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

مشهور مفسرِ قرآن، مفتي احمد يار خان نعيمي رحمۃُاللہِ علیہ فرمائن ٿا: دنيا جي زندگي جا 4 قِسمَ آهن: **(1): دنياوي:** جيڪا صرف دنيا سان محبت جي سبب گذاري وڃي **(2): نفساني:** جيڪا صرف نفساني خواهشن جي تڪميل ۾ گذاري وڃي **(3): شيطاني:** جيڪا شيطان جي پيرويءَ ۾ فساد پکيڙيندي گذاري وڃي **(4): رحماني:** جيڪا الله ۽ رسول جي رضا چاهيندي نيڪيون ڪمائڻ ۾ گذاري وڃي. پهريان ٽي قِسمَن جي زندگي اصل ۾ زندگي نہ، پر دل جو موت آهي. رحماني زندگي ئي اصل زندگي آهي. هي زندگيءَ جو اُهو درست طرزِ عمل آهي جنهن لاءِ اسان کي پيدا ڪيو ويو آهي. تنهنڪري اسان کي گهرجي تہ اسان رحماني زندگي گذاريون، يعني پنهنجي پوري زندگي الله ۽ رسول جي فرمانبرداري ۾ بسر ڪريون. اهڙي زندگي هجي ۽ ڊگهي نصيب ٿي وڃي پوءِ تہ بيڙا ئي پار ٿي ويندا.

---

[1]…ترمذی، کتاب الزہد، باب ماجاء فی طول العمر المؤمن ، صفحہ:557، حدیث:2330۔

# جنت ۾ اڳ ۾ داخل ٿيڻ جو سبب

تمام وڏي رتبي وارا صحابيءِ رسول حضرت طلحہ بن عبيد الله رَضِیَ اللہُ عنه فرمائن ٿا: هڪ ڀيرو ٻہ شخص بارگاهِ رسالت ۾ حاضر ٿيا، ٻنهي ڪلمو پڙهيو ۽ صحابيت جي درجي تي فائز ٿي ويا (ٻئي ڄڻا ئي نيڪ ۽ پرهيزگار هئا، پر) انهن مان هڪ عبادت ۽ رياضت ۾ ڏاڍي محنت ڪندو هو، جيڪو وڌيڪ عبادت گذار هو، اُهو هڪ ڀيري ڪنهن غزوه ۾ شامل ٿيو ۽ شهيد ٿي ويو. پوءِ هڪ سال ڪان پوءِ ٻئي صحابي رَضِیَ اللہُ عنه جو بہ انتقال ٿي ويو.

حضرت طلحہ رَضِیَ اللہُ عنه فرمائن ٿا: انهن ٻنهي جي دنيا ڪان وڃڻ ڪان پوءِ هڪ رات مون خواب ڏٺو، ڇا ٿو ڏسان تہ مان جنت جي دروازي تي بيٺو آهيان، اُهي ٻئي صحابيءِ رسول رَضِیَ اللہُ عنهما بہ اتي موجود آهن، ايتري ۾ جنت جي اندران ڪو ٻاهر نڪري آيو ۽ اهي صحابي رَضِیَ اللہُ عَنْہُ جن جو وصال هڪ سال پوءِ ٿيو هو، انهن کي (پاڻ سان گڏ) جنت ۾ وٺي ويو. ٿوري دير ڪان پوءِ اهو شخص ٻيهر ٻاهر آيو ۽ هن ٻيري ان صحابي سڳورن کي وٺي جنت ۾ داخل ٿي ويو جيڪي هڪ سال اڳ شهيد ٿيا هئا.

صبح ٿيو تہ حضرت طلحہ رَضِیَ اللہُ عنه پنهنجو خواب صحابہ ڪرام عليهمُ الرِّضْوَان کي ٻڌايو، اِهو ٻڌي سڀئي حيران ٿي ويا، جڏهن اُها ڳالهه سرڪارِ عالي وقار، مڪي مدني تاجدار صَلَّی اللہُ عَلَيْہِ وَآلِہٖ وَسَلَّم تائين پهتي تہ پاڻ سڳورن صَلَّی اللہُ عَلَيْہِ وَآلِہٖ وَسَلَّم فرمايو: اي صحابيو! توهان کي حيراني ڪهڙي ڳالهه تي آهي؟ عرض ڪيائون: يارسول الله صَلَّی اللہُ عَلَيْہِ وَآلِہٖ وَسَلَّم! هڪ صحابي وڌيڪ عبادت گذار هئا، پوءِ کين شهادت جو درجو بہ مليو، ان جي باوجود بہ اُهي بعد ۾ جنت ۾ داخل ٿيا ۽ ٻئي پاسي اُهي صحابي آهن جن جو هڪ سال دير سان انتقال ٿيو، اُهي اڳ ۾ جنت ۾ داخل ٿيا، ان جو سبب ڇا آهي؟ پياري نبي، رسولِ هاشمي صَلَّی اللہُ عَلَيْہِ وَآلِہٖ وَسَلَّم فرمايو: ڇا اُهي ٻيا صحابي هڪ سال وڌيڪ زنده نہ رهيا؟

عرض ڪيائون: جي ها، اُهي هڪ سال وڌيڪ زنده رهيا آهن. پاڻ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: ڇا ان شهيد ٿيڻ واري جي پيٺ ۾ هڪ سال وڌيڪ رمضان جا روزا نہ رکيا هئا؟ اصحابن عرض ڪيو: جي ها، رکيا هئائون. پاڻ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم ٻيهر پڇيو: ڇا ان بعد ۾ وفات ڪرڻ واري صحابيءَ ايترا سجدا وڌيڪ نہ ڪيا هئا؟ عرض ڪيو ويو: جي ها، ڪيا هئائون. ان تي پياري نبي، رسولِ هاشمي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: بس اِهو ئي سبب آهي جنهن جي ڪري انهن ٻنهي جي وچ ۾ زمين ۽ آسمان جو فرق آهي. (1)

میں بے کار باتوں سے بچ کے ہمیشہ / کروں تیری حمد و ثنا یاالٰہی!
مِرے دل سے دنیا کی چاہت مٹا کر / کر اُلفت میں اپنی فنا یاالٰہی!
عبادت میں گزرے مری زندگانی / کرم ہو کرم یا خدا یاالٰہی!(2)

الله پاڪ اسان کي نيڪين سان ڀرپور ڊگهي عمر عطا فرمائي. اچو تہ! احاديث ڪريمہ جي روشنيءَ ۾ ڊگهي عمر ماڻڻ جا ڪجھ نسخا ٻڌون ٿا:

## (1): نيڪي عُمر کي وڌائيندي آهي

حديث پاڪ ۾ آهي، رسولِ ذيشان، مڪي مدني سلطان صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم فرمايو:

لَا يَرُدُّ الْقَضَاءُ اِلَّا الدُّعَاءُ وَلَا يَزِيْدُ فِي الْعُمْرِ اِلَّا الْبِرُّ

**ترجمو:** صرف دعا ئي تقدير کي ٽاري سگهي ٿي ۽ صرف نيڪي ئي آهي جيڪا عمر کي وڌائيندي آهي.[3]

---

[1]… ابنِ ماجہ ،کتاب تعبیر الرؤیا ،باب تعبیر الرؤیا،صفحہ:631 ،حدیث:3925۔

[2]…وسائل بخشش، صفحہ:105ملتقطاً۔

[3] ترمذی، ابواب القدر، باب ما جاء لا یرد القدر الا الدعاء، صفحہ:516، حدیث:2139۔

# عُمِر وڌڻ جو مطلب

هتي هڪ وضاحت ڪندو هلان تہ ڪو شخص دنيا ۾ ڪيترو عرصو زندهہ رهندو؟ سندس عمر ڪيتري ٿيندي؟ اِهو تہ پهريان ئي لکجي چڪو آهي، پوءِ احاديث جي روشني ۾ عمر وڌڻ جو ڇا مطلب آهي؟ عُلماء هن جا **2** مطلب ٻڌايا آهن: **(1):** عمر وڌڻ جو مطلب هي آهي تہ ٻانهي جي زندگيءَ ۾ برڪت رکي ويندي ۽ اُهو ٿوري وقت ۾ گهڻو ڪم ڪري وٺندو. جيئن: اعليٰ حضرت رحمۃُاللہِعلیہ جي عمر مبارڪ صرف **68** سال هئي پر پاڻ ڪم ايترو تہ ڪيائون جو اڄ ٽيڪنالاجيءَ جي دور ۾ **100** ماڻهو گڏجي بہ ايترو ڪم نہ ٿا ڪري سگهن. اِهو آهي عمر وڌڻ جو هڪ مطلب تہ سندس وقت ۾ برڪت رکي ويندي آهي. **(2):** ٻيو مطلب هي آهي تہ ٻانهو جڏهن عمر وڌائڻ وارو ڪو (نيڪ) عمل ڪندو آهي تہ پوءِ تقديرِ معلق جيڪا تقدير جو هڪ قسم آهي، اُن ۾ تبديلي ڪئي ويندي آهي ۽ سندس عمر وڌائي ويندي آهي. اللہ پاڪ قرآنِ ڪريم ۾ هن حقيقت ڏانهن اشارو ڪندي فرمائي ٿو[1]:

| | |
|---|---|
| يَمۡحُوا اللّٰهُ مَا يَشَآءُ وَيُثۡبِتُ ۚ<br>(پارو: 13، سورة رعد: 39) | ترجموڪنزالعرفان: اللہ جيڪو چاهيندو آهي مٽائيندو آهي ۽ ثابت رکندو آهي. |

**(3):** عمر وڌائڻ جو ٽيون مطلب هي آهي تہ ٻانهي کي ثوابِ جاريہ جي توفيق بخشي ويندي آهي. جنهن جي برڪت سان ٻانهو جيتوڻيڪ قبر ۾ هليو ويندو آهي پر تنهن هوندي بہ سندس نيڪين جو ميٽر هلندو رهندو آهي.

بهرحال! عمر وڌڻ جي جيڪا بہ صورت هجي، تنهي صورتن ۾ فائدو ئي فائدو آهي.

[1] مرقاة المفاتيح، كتاب الدعوات، جلد:5، صفحہ:121، زيرِ حديث:2234

# نيڪين جي عادت اختيار ڪريو!

پياري آقا صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: نيڪي عمر وڌائيندي آهي. قرآن ڪريم ۾ آهي:

مَنْ عَمِلَ صَالِحًا مِّنْ ذَكَرٍ اَوْ اُنْثٰى وَهُوَ مُؤْمِنٌ فَلَنُحْيِيَنَّهٗ حَيٰوةً طَيِّبَةً ۚ

(پارو: 14، سورة نحل: 97)

ترجموڪنزالعرفان: جيڪو مرد يا عورت نيڪ عمل ڪري ۽ اهو مسلمان هجي تہ اسان ضرور ان کي پاڪيزه زندگي ڏينداسين.

معلوم ٿيو تہ **نيڪ عملن** جي برڪت سان مؤمن ٻانهي کي دنيا ۾ رزقِ حلال، نيڪ، پاڪيزه، پُرسڪون، سُکَ، چين، راحت ۽ آرام واري زندگي عطا ڪئي ويندي آهي.

## نيڪ اعمال جا 3 فائدا

حضرت حسن بن صالح رحمۃُاللّٰہِعلیه فرمايو: **نيڪ عمل: (1):** بدن ۾ قوت **(2):** دل ۾ نُور ۽ **(3):** اکين ۾ روشني پيدا ڪندو آهي. جڏهن تہ **برو عمل: (1):** بدن ۾ ڪمزوري **(2):** دل ۾ اونداهي ۽ **(3):** اکين کي انڌو ڪري ڇڏيندو آهي. [(1)]

## 100 سالن جي عمر ۾ بہ جِسماني قوت سلامت

هڪ تمام وڏا عالم ٿي گذريا آهن، علامہ اَبُو طَيِّب طَبري رَحْمَةُاللّٰهِعَلَيْه، پاڻ 100 سالن کان بہ وڌيڪ عمر ماڻيائون، اُن عمر ۾ بہ پاڻ ذهني ۽ جسماني لحاظ کان تندرست ۽ توانا هئا. انهن کان ڪنهن سندن صحت جو راز پڇيو تہ فرمايائون: مون جوانيءَ ۾ پنهنجي جسماني صلاحيتن کي گناهن کان محفوظ رکيو (پاڻ کي نيڪ عملن ۾ لڳائي رکيو)، ان جي برڪت سان اڄ

[1]...حِلْيَةُ الْاَولِياء،جلد:7،صفحه:385،رقم:10941۔

جڏهن مان پوڙهو ٿي ويو آهيان تہ الله پاڪ منهنجي جسماني صلاحيتن کي منهنجي لاءِ باقي رکيو آهي. (1)

پيارا اسلامي ڀائرو! هي آهي نيڪ عملن جو دنياوي فائدو...!! جيڪو گناهن کان بچي نيڪ اعمال ڪندو رهندو آهي، الله پاڪ ان کي صحت ۽ سلامتي واري، پُرسڪون زندگي عطا فرمائيندو آهي.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

## (2) وڏن جي عزت

حضرت انس بن مالڪ رَضِیَ اللّٰهُ عنه کان روايت آهي، رسولِ اڪرم، نُورِ مجسم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: جيڪو نوجوان ڪنهن پوڙهي شخص جي عزت ڪندو آهي تہ الله پاڪ اهڙا ماڻهو مقرر فرمائي ڇڏيندو آهي جيڪي هِن شخص جي پوڙهي ٿيڻ تي سندس عزت ڪندا.[2]

هن حديث پاڪ جي وضاحت ۾ امام غزالي رحمةُ اللّٰهِ عليه لکن ٿا: هن ۾ اشارو آهي تہ پوڙهن جي عزت ڪرڻ وارو ڊگهي عمر ماڻيندو، پوڙهائپ کي پهچندو ۽ سندس عزت ڪئي ويندي.[3]

## آقا صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَ آلِهٖ وَ سَلَّم جو پاڙو ڏيارڻ واري نيڪي

پيارا اسلامي ڀائرو! وڏن جو ادب ۽ احترام ڪرڻ تمام گهڻي فضيلت واري نيڪي آهي. ڏکايل دلين جي چين، سرور ڪونين صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَ آلِهٖ وَ سَلَّم حضرت انس رَضِیَ اللّٰهُ عنه کي نصيحت ڪندي فرمايو: اي انس! وڏن جو ادب ۽ احترام ڪندو ڪر ۽ ننڍن تي شفقت ڪندو ڪر، **ايئن ڪرڻ سان تون جنت**

---

1 مجموع رسائل ابن رجب،جلد:3،صفحه:100۔

2 ترمذی، کتاب البر والصلة، باب ما جاء فی اجلال الکبیر، صفحه:489، حدیث:2022۔

3 احياء العلوم ، کتاب آداب الالفة والاخوة ،الباب الثالث ، جلد:2، صفحه:243۔

۾ منهنجي رفاقت حاصل ڪري وٺندين. (1)

مَحفُوظ سَدا رکھنا شہا! بے ادبوں سے | اور مُجھ سے بھی سَرزَد نہ کبھی بے ادبی ہو(2)

معلوم ٿيو ته وڏن جو ادب ۽ احترام ڪرڻ نجات جو باعث ۽ جنت ۾ آخري نبي، محمدِ عربي صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ وَ آلِہٖ وَسَلَّم جو قرب حاصل ڪرڻ جو ذريعو آهي. تنهنڪري اسان کي گهرجي ته جيڪي علم، عمر، عهدي ۽ منصب ۾ اسان کان وڏا آهن، انهن جو ادب ۽ احترام بجا آڻيون ۽ اسان جي وڏڙن ۾ ماءُ پيءُ، چاچا، ماما، ماسڙ وڏيون ڀينرون، وڏا ڀائر، ٻيا رشتيدار، استاد، پير و مرشد، عُلما و مشائخ وغيره سڀ شامل آهن ۽ جيڪو عمر ۽ مقام ۽ مرتبي ۾ ننڍو هجي، اُن سان شفقت ۽ محبت سان پيش اچون.

## ادب ڪيئن ڪريون

معاشرتي زندگي (*Social Life*) ۾ اسان جو پنهنجن وڏن سان واسطو پوندو ئي رهندو آهي، تنهنڪري ضروري آهي ته اسان هر لحاظ کان سندن ادب ۽ احترام جو خيال رکون، هڪ ڀيرو بارگاهِ رسالت ۾ حضرت مُحَيِّصَه رَضِیَ اللّٰہُ عنه جي موجودگيءَ ۾ حضرت عبدالرحمٰن بن سهل رَضِیَ اللّٰہُ عنه عمر ۾ ننڍو هئڻ جي باوجود ڳالهائڻ جي ڪوشش ڪئي ته حضور نبي ڪريم صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ وَ آلِہٖ وَسَلَّم کين وڏن جو ادب سيکاريندي فرمايو: **وڏي کي ڳالهائڻ ڏي.** (3)

سُبۡحٰنَ اللّٰه! اِها ادب جي تعليم آهي ته جڏهن وڏا ڳالهائي رهيا هجن ته ننڍن کي خاموش رهڻ گهرجي. اهڙي طرح اسان کي گهرجي ته هر لحاظ کان وڏن جو ادب ڪريون. مثال طور: ◈ ڪاڏو کائڻ وقت انهن کان پهريان کائڻ شروع

---

[1]... شُعَبُ الْاِيمان،باب فی رحم الصغير و توقير الکبير، جلد:7، صفحه:458، حديث:10981۔

[2]...وسائل بخشش، صفحه:315۔

[3] بخاری،کتاب الجزية والموادعة، باب الموادعة المصالحة...الخ، صفحه:814، حديث:3173 خلاصةً۔

نہ ڪجي ◈ مجلس ۾ انهن کان اڳ ۾ ڳالهائڻ شروع نہ ڪجي ◈ سندن اڳيان نہ هلجي ◈ انهن کي نالي سان نہ سڏجي پر ڪين ادب سان مخاطب ڪجي ◈ سندن سامهون آواز بلند نہ ڪجي ◈ انهن جي راءِ جو احترام ڪجي ◈ سندن مشورن کي سنجيدگيءَ سان ورتو وڃي، مطلب تہ هر لحاظ کان وڏن کي وڏو ئي سمجهيو وڃي، ڪين هميشه مقدم (يعني اڳيان اڳيان) ئي رکيو وڃي.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

## (3): صلہءِ رَحمي ۽ والدين جي خدمت

رسولِ رحمت، شفيعِ امت صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَ آلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: جيڪو هي پسند ڪري ٿو تہ الله پاڪ سندس عمر وڌائي ۽ سندس رزق ۾ اضافو فرمائي تہ ان کي گهرجي تہ **(1):** ماءُ پيءُ سان نيڪ سلوڪ ڪري ۽ **(2):** صِلہءِ رحمي ڪندو رهي.[1]

## ساموندي گنبذ

معلوم ٿيو تہ ماءُ پيءُ جي خدمت ڪرڻ عمر وڌڻ ۽ رزق ۾ برڪت جو ذريعو آهي. تنهنڪري ماءُ پيءُ جي خوب خدمت ڪريو! آخرت ۾ ان جون جيڪي برڪتون نصيب ٿينديون، اُهي تہ اِنْ شَآءَ اللّٰهُ الْكَرِيْم! ٿينديون ئي ٿينديون، پر ان سان گڏوگڏ دنيا بہ بهتر ٿي ويندي.

روض الرياحين ۾ آهي: الله پاڪ حضرت سليمان عَلَيْهِ السَّلَام کي وحي فرمائي تہ سمنڊ جي ڪناري تي وڃو ۽ اسان جي قدرت جو نظارو ڪريو. پاڻ عَلَيْهِ السَّلَام پنهنجن ساٿين سان گڏ اُتي تشريف کڻي ويا پر ڪين ڪا خاص شيءِ نظر نہ آئي، تنهنڪري هڪ جِنَ کي حڪم ڪيائون تہ سمنڊ ۾ غوطو هڻي اندر جي خبر آڻ. اُن جِنَ غوطو هڻڻ کان پوءِ واپس اچي عرض ڪيو: مان

[1] مسند امام احمد مسند انس بن مالڪ، جلد:5، صفحہ:776 ، حديث: 14164۔

سمنڊ جي تَهہ تائين نہ پهچي سگهيس ۽ نہ ئي مون کي ڪا شيءِ نظر آئي. پاڻ عليه‌السلام ان کان وڌيڪ طاقتور جِنَ کي حڪم ڏنائون، اُهو جِنُ پهرين جِنَ جي مقابلي ۾ ٻيڻي گهرائيءَ تائين سمنڊ جي اندر ويو پر اُهو بہ ڪا خبر نہ آڻي سگهيو. پاڻ عليه‌السلام پنهنجي وزير حضرت آصف بن برخيا رحمۃُاللہِعليه کي حڪم ڪيو، ان ٿوري ئي دير ۾ هڪ عاليشان **4** دروازن وارو سفيد ساموندي گنبذ آڻي حضرت سليمان عليه‌السلام جي خدمت سراپا عظمت ۾ حاضر ڪيو! ان جو هڪ دروازو موتين جو، ٻيو ياقوت جو، ٽيون هيرن جو ۽ چوٿون زمرد جو هو، چار ئي دروازا کُليل هئڻ جي باوجود سمنڊ جي پاڻيءَ جو هڪ قطرو بہ ان جي اندر موجود نہ هو. هِن ساموندي گنبذ جي اندر هڪ حسين نوجوان صاف ۽ سٿري لباس ۾ ملبوس نماز ۾ مشغول هو، جڏهن اُهو نماز کان فارغ ٿيو تہ پاڻ عليه‌السلام سلام ڪري ڪانئس اُن ساموندي گنبذ جو راز پڇيو. ان نوجوان عرض ڪيو: اي الله پاڪ جا نبي! منهنجو پيءُ معذور ۽ والده نابينا هئي، الحمدلله! مون **70** سالن تائين والدين جي خدمت ڪئي، منهنجي ماءُ وفات کان اڳ دعا ڪئي: ياالله پاڪ! منهنجي پُٽَ کي درازيءِ عمر بالخير عطا فرماءِ. والد محترم وفات وقت دعا فرمائي: ياالله پاڪ! منهنجي پُٽَ کي اهڙي جاءِ تي پنهنجي عبادت ۾ لڳاءِ جو شيطان مداخلت نہ ڪري سگهي. والد مرحوم جي تدفين کان پوءِ جڏهن مان سمنڊ جي ڪناري تي آيس تہ مون کي هي ساموندي گنبذ نظر آيو، مان اِن جي اندر داخل ٿي ويس. ايتري ۾ هڪ فرشتو آيو ۽ اُن هِن گنبذ کي سمنڊ جي تَهہ ۾ لاهي ڇڏيو. حضرت سليمان عليه‌السلام جي پڇڻ تي ان نوجوان ٻڌايو تہ مان حضرت ابراهيم خليل الله (عليه‌السلام) جي مقدس دور ۾ هتي آيو آهيان. حضرت سليمان عليه‌السلام جاڻي ورتو تہ ڪيس **2000** سال هِن **ساموندي گنبذ** ۾ گذري چڪا آهن پر اڄ تائين جوان آهي، سندس هڪ وارُ بہ اڇو نہ ٿيو هو. ڪاڏي جي باري ۾ هُن ٻڌايو تہ روزانو هڪ سائي رنگ جو پکِي پنهنجي چُهنب ۾ ڪا زردي جي رنگ جهڙي (يعني پيلي) شيءِ آڻيندو آهي، جيڪا

مان ڪائيندو آهيان، ان ۾ دنيا جي سمورين نعمتن جي لذت هوندي آهي، جنهن سان منهنجي بُکَ ۽ اُڃَ مِٽجي ويندي آهي. ان کان علاوه الحمدلله! گرمي، سردي، ننڊ، سستي، غنودگي، گهٻراهٽ ۽ خوف وغيره اِهي سڀ شيون مون کان پَري رهنديون آهن. ان کان پوءِ نوجوان جي خواهش تي حضرت آصف بن برخيا رحمۃُاللہِعلیه اهو ساموندي گنبذ ڪٽي ٻيهر سمنڊ جي تَهه ۾ پهچائي ڇڏيو. پوءِ حضرت سليمان علیه‌السلام فرمايو: اي انسانو! الله پاڪ اوهان سڀني تي رحم فرمائي، اوهان ڏٺو ته والدين جي دعا ڪيتري قدر مقبول آهي! تنهنڪري ماءُ پيءُ جي نافرماني کان بچو.[1]

سُبۡحٰنَ الله! ڏسو! اُن نوجوان کي ماءُ پيءُ جي خدمت جو ڪيڏو نه پيارو صِلو مليو...!! تنهنڪري پنهنجي والدين جي خوب خدمت ڪريو! اِنۡ شَآءَالله الۡكَرِيۡم! حديث پاڪ جو واعدو پورو ٿيندو، الله پاڪ چاهيو ته ڏڳهي ۽ نيڪين واري زندگي نصيب ٿيندي.

## صِلهءِ رَحمي ڪريو!

وڌيڪ حديث پاڪ ۾ ٻڌايو ويو آهي ته صِلهءِ رحمي ڪرڻ سان به عمر وڌندي آهي. هڪ روايت ۾ آهي، رسولِ اڪرم، نور مجسم صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَ آلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: هڪ شخص هو، جنهن جي زندگي صرف 3 سال باقي بچي هئي، پوءِ ان صِلهءِ رحمي ڪئي ته الله پاڪ سندس عمر ۾ 30 سالن جو واڌارو فرمائي ڇڏيو.[2]

معلوم ٿيو ته صِلهءِ رحمي جي برڪت سان به عمر ۾ برڪت ٿيندي آهي.

## ذَوِي القُربيٰ ڪير آهن...؟

پيارا اسلامي ڀائرو! صِلہ جي معنيٰ آهي: نيڪي ۽ ڀلائي ڪرڻ. اُهي

[1] روض الرياحين، صفحہ:233 بتغير قليل۔
[2] قرة عيون و مفرح القلب المحزون، الباب التاسع، صفحہ:114، رقم:126

ڪهڙا ڪهڙا رشتا آهن جن سان نيڪ سلوڪ ڪرڻ صِلهءِ رَحمي ۾ شامل آهي، ٻڌو! الله پاڪ فرمائي ٿو:

بِالْوَالِدَیْنِ اِحْسَانًا وَّ ذِی الْقُرْبٰی

(پارو: 1، سورة بقرة: 83)

ترجموڪنزالعرفان: ۽ ماءُ پيءُ سان ڀلائي ڪريو ۽ مائٽن سان (سٺو سلوڪ ڪريو)

هن آيت جي حوالي سان مشهور مفسرِ قرآن، حڪيم الامت، مفتي احمد يار خان نعيمي رحمۃُاللہِعلیه لکن ٿا: **ذِي القُربيٰ** اُهي مائٽهو آهن جن جو رشتو ماءُ ۽ پيءُ جي وسيلي سان هجي، انهن کي **ذِي رِحم** بہ چئبو آهي. ذَوِی الْقُرْبٰی 3 قسمن جا آهن: **(1):** پيءُ جا قرابت دار، جيئن ◈ ڏاڏو، ڏاڏي ◈ چاچو ◈ ڦُڦِي ◈ پيءُ شريڪ ڀائر، ڀينرون وغيره **(2):** ماءَ جا رشتيدار جيئن ◈ نانو، نانِي ◈ مامو ◈ ماسِي ◈ ماءُ شريڪ ڀائر، ڀينرون وغيره **(3):** ماءُ پيءُ ٻنهي جا رشتيدار، جهڙوڪ حقيقي ڀائر ۽ ڀينرون وغيره. [1]

اِهي جيڪي بہ رشتيدار آهن، اِنهن سيني سان اسان جو رشتو ماءُ پيءُ جي وسيلي سان ٿيندو آهي، اِها هڪ زنجير نهندي آهي، اسان دنيا ۾ ماءُ پيءُ جي وسيلي سان آيا آهيون، تنهنڪري اسان تي ماءُ پيءُ جا حق لازم آهن، پوءِ اِهي سيئي ◈ ڏاڏو، ڏاڏي ◈ چاچو ◈ ڦُڦِي ◈ ماسِي ◈ مامو ◈ نانو، ناني ◈ ڀائر، ڀينرون وغيره ماءُ پيءُ جا رشتيدار آهن، تنهنڪري اسان تي انهن جا حق بہ لازم آهن.

## قريبي رشتيدارن جو حق وڌيڪ آهي

رسولِ ذيشان، مڪي مدني سلطان صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: بيشڪ الله پاڪ ◈ توهان کي توهان جي مائرن جي باري ۾ وصيت فرمائي ٿو ◈ پوءِ

[1]...تفسير نعيمى، پاره:1، سورهٔ بقرة،زيرِ آيت:83، جلد:1، صفحہ:512۔

توهان جي مائرن بابت توهان کي وصيت فرمائي ٿو ◈ پوءِ توهان جي والد بابت وصيت فرمائي ٿو ◈ ان کان پوءِ جيڪو وڌيڪ ويجهو رشتيدار آهي ◈ پوءِ ان کان پري وارو ◈ پوءِ ان کان پري وارو (اهڙي طرح جيڪو وڌيڪ ويجهو رشتيدار آهي، ان جو حق بہ وڌيڪ آهي). (1)

## اللّٰه اُنَ کي ٽوڙي ڇڏيندو آهي

اڄ ڪلهہ ماڻهو ڳالهہ ڳالهہ تي تعلقات ٽوڙي ڇڏيندا آهن، فلاڻي پُٽَ جي شاديءَ تي نہ ٻڌايو، تنهنڪري ان سان مرڻو، پَرڻو ختم ...!! فلاڻي دعوت تي گهُرائي خاطر خواهہ عزت نہ ڏني، تنهنڪري اڄ کان ساڻس اسان جو ڪو تعلق نہ آهي، فلاڻي رشتيدار منهنجي دڪان جي بدران پرسان واري دڪان تان سودو خريد ڪيو، تنهنڪري ان سان ڳالهائڻ ٻولهائڻ بند، بلڪل ننڍڙن ننڍڙن ڳالهين تي مرڻ جيئڻ ختم ڪيو (يعني رشتو ٽوڙيو) ويندو آهي، جڏهن تہ جن رشتيدارن سان صِلهءِ رَحمي جو حڪم آهي يعني رشتيدارن سان سٺو سلوڪ ڪرڻ جو حڪم آهي، انهن سان رشتو ٽوڙڻ سخت گناهہ جو ڪم آهي. حديث پاڪ ۾ آهي: **جيڪو رشتا ٽوڙيندو آهي، اللّٰه پاڪ ان کي ٽوڙي ڇڏيندو آهي.** (2)

## رشتيدارن جا ڪجهہ حَقَ

بهارِ شريعت ۾ آهي: ◈ رشتيدارن کي تحفو ڏيڻ ◈ ڪين ڪنهن معاملي ۾ مدد درڪار هجي تہ سندن مدد ڪرڻ ◈ انهن کي سلام ڪرڻ ◈ ساڻن ملاقات جي لاءِ وڃڻ ◈ انهن سان اٿڻ، ويهڻ ۽ سندن حال احوال معلوم ڪرڻ ◈ ساڻن لطف ۽ مهرباني سان پيش اچڻ، سڀ صِلهءِ رحمي

---

1... الادب المفرد، باب بر الاقرب فالاقرب، صفحہ:31، حديث:60۔

2...ابو داؤد، ڪتاب الزکاة، باب صلة الرحم، صفحہ:276، حديث:1694 مفہوماً ۔

(يعني رشتيدارن سان نيڪ سلوڪ) جون صورتون آهن.[1]

## جيڪڏهن پرديس ۾ هجي ته خط لِکي

وڏيڪ بهار شريعت ۾ لکيل آهي ته: جيڪڏهن ماڻهو پرديس ۾ هجي ته رشتيدارن ڏانهن خط وغيره موڪليندو رهي (اڄڪلهه جي دور جي ڳالهه ڪريون ته وقتاً فوقتاً انهن سان فون تي ڳالهه ٻولهه ڪندو رهي). ساڻن رابطو ڪمزور نه ڪري ته جيئن لاتعلقي پيدا نه ٿئي، ٿي سگهي ته جڏهن پنهنجي ملڪ ۾ اچي ته رشتيدارن سان ملي تعلقات تازا ڪري ڇڏي.[2]

## ڪهڙي ڪهڙي رشتيدار سان ڪڏهن ملجي

پيارا اسلامي ڀائرو! رشتيدارن سان ملڻ به سندن حقن مان آهي، تنهنڪري انهن سان وقفي وقفي سان ملندو رهڻ گهرجي، مثال طور هڪ ڏينهن ملڻ وڃجي، ٻئي ڏينهن نه وڃجي، جمعي جمعي تي ملڻ گهرجي، رشتيدار پري رهندا هجن ته مهيني ۾ يا ٻن ٽن مهينن ۾ هڪ ڀيرو ملڻ لاءِ وڃڻ گهرجي.

هتي هڪ ڳالهه عرض ڪريان ته جن رشتيدارن کان پردو آهي، مثال طور سوٽ، ماسات، ماروٽ، ڦُقات رشتيدار عورتن کان مرد جو پردو آهي، تنهنڪري انهن کان پردو ڪيو ويندو، انهن کي وائس ميسيج يا ويڊيو ميسيج وغيره ڪرڻ کان به بچڻ گهرجي. ها! ماسِي ۽ ڦُڦِي وغيرهه جن کان پردو نه آهي، انهن سان ملڻ به وڃو! ساڻن فون تي به ڳالهايو يا جيڪڏهن چاهيو ته ڪين ويڊيو ڪال به ڪري سگهو ٿا.

## رشتيدار کا حاجت بيان ڪري ته رَد ڪرڻ گناهه آهي

مفتي امجد علي اعظمي رحمۃُاللہِعلیه بهار شريعت ۾ وڏيڪ لکن ٿا ته:

---

[1]…بهارِ شريعت، جلد:3،حصه :16،صفحه:559بالتغير ـ

[2]… بهارِ شريعت، جلد:3،حصه :16،صفحه:559ـ

جڏهن پنهنجو ڪو رشتيدار ڪا حاجت پيش ڪري تہ سندس حاجت پوري ڪري ، ان کي رد ڪري ڇڏڻ يعني انڪار ڪرڻ قطعِ رَحم (يعني رشتو ٽوڙڻ) آهي.[1] مثال طور رشتيدار کي پيسن جي ضرورت آهي، هُو قرض گهري رهيو آهي، جيڪڏهن رقم ڏئي سگهو ٿا تہ کيس ڏئي ڇڏيو! طاقت هجڻ جي باوجود انڪار ڪرڻ قطعِ رَحمي آهي جيڪو وبال آهي.

## هُو ٽوڙي، تڏهن بہ توهان جوڙيو

رشتيداريءَ جو هڪ حق هي بہ آهي تہ رشتيدار تعلق ٽوڙي تڏهن بہ اسان تعلق جوڙيندا ئي رهون. حديث پاڪ ۾ آهي:

لَيْسَ الْوَاصِلُ بِالْمُكَافِئِ، وَلَكِنَّ الْوَاصِلَ الَّذِى اِذَا قُطِعَتْ رَحِمُهُ وَصَلَهَا

يعني صِلہءِ رَحمي ڪرڻ وارو اُهو نہ آهي جيڪو ادلو بدلو ڪري (مثال طور رشتيدار سلام ڪري تہ هي بہ ساڻس سلام ڪري، جيڪڏهن هُو نہ ڪري تہ هِي بہ نہ ڪري، هُو سنو سلوڪ ڪري تہ هِي بہ سنو سلوڪ ڪري، برائي ڪري تہ هِي بہ برائي ڪري، فرمايو ويو: اِها صِلہءِ رَحمي نہ آهي) پر صِلہءِ رَحمي ڪرڻ وارو اُهو آهي جنهن سان جيڪڏهن رشتيدار تعلق ٽوڙي، پر هِي پوءِ بہ جوڙيندو رهي.[2]

## اللّٰہ توهان جو مددگار آهي

هڪ ڀيرو هڪ صحابي بارگاهِ رسالت ۾ حاضر ٿيا، عرض ڪيائون: يا رسول اللّٰہ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم! منهنجا ڪجھ رشتيدار آهن، آئون انهن سان رشتو جوڙيندو آهيان، پر اُهي ٽوڙي ڇڏيندا آهن، مان ساڻن نيڪ سلوڪ ڪندو آهيان، پر اُهي برائيءَ سان پيش ايندا آهن، اُهي مون سان جهالت وارو

---

[1]... بہارِ شریعت، جلد:3،حصہ :16،صفحہ:559۔

[2]... الآدَب المفرد،باب ليس الواصل ...الخ، صفحہ:33 ،حديث: 64خلاصہ۔

معاملو ڪندا آهن، آئون برداشت ڪندو آهيان. پياري آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَ آلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: توهان جيستائين ايئن ڪندا رهندؤ، اللّٰه پاڪ جي طرف کان هڪ مددگار توهان جي لاءِ مقرر رهندو. (1)

يعني جيستائين اوهان رشتيدارن جون برايون برداشت ڪندا رهندؤ، انهن سان ڀلائي ڪندا رهندؤ، توهان جي غيب مان مدد ٿيندي رهندي. اللّٰه پاڪ اسان کي ماءُ پيءُ، ڀائرن، ڀينرن ۽ ٻين رشتيدارن جا حق ادا ڪندو رهڻ جي توفيق نصيب فرمائي. اٰمِيْن بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

## (4) حُسنِ اخلاق ۽ پاڙيسرين سان ڀلائي

مسلمانن جي پياري امي جان سيده عائشه صديقه طيبه طاهره رَضِيَ اللّٰهُ عنها کان روايت آهي، نبين جي نبي، رسولِ هاشمي صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَ آلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: سهڻو اخلاق ۽ پاڙيسري سان ڀلائي (هي ٻه) اهي نيڪيون آهن، جيڪي شهرن کي آباد ڪنديون آهن ۽ عمرن ۾ واڌارو ڪنديون آهن.[2]

## پاڙيسرين جو خيال رکو!

هن روايت ۾ وڏيڪ 2 نيڪيون ارشاد ٿيون آهن: پاڙيسرين سان ڀلائي ڪرڻ ۽ حُسن اخلاق سان پيش اچڻ. تنهنڪري اسان کي گهرجي ته حُسنِ اخلاق به اختيار ڪريون ۽ پاڙيسرين سان نيڪ سلوڪ به ڪريون.

**حضرت عبد اللّٰه بن مسعود** رَضِيَ اللّٰهُ عنه فرمائن ٿا: هڪ شخص بارگاهِ رسالت ۾ عرض ڪيو: يا رسول اللّٰه صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَ آلِهٖ وَسَلَّم! مون کي ڪيئن خبر

---

[1]... الآدَب المفرد، باب فضل صلة الرحم، صفحه:29، حديث:52 خلاصه ـ
[2] مسند امام احمد، مسند عائشة، جلد:10، صفحه:343، حديث:26001ـ

پوندي تہ آئون چڱائي ڪري رهيو آهيان يا برائي ڪري رهيو آهيان (يعني مون کي تہ پنهنجا سڀ ڪم ئي چڱا معلوم ٿيندا آهن، پر حقيقت ۾ چڱن ڪمن ۽ برن ڪمن جي سڃاڻپ ڪهڙي آهي)؟ نبيءِ رحمت، شهنشاهِ نبوت صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ وَ اٰلِہٖ وَسَلَّم فرمايو: جڏهن توهان پنهنجي پاڙي واري کي هِي چوندي ٻڌو تہ توهان ڀلائي ڪئي تہ واقعي اوهان ڀلائي ڪئي ۽ جڏهن اوهان پاڙيسريءَ کي هِي چوندي ٻڌو تہ اوهان برائي ڪئي تہ واقعي اوهان برائي ڪئي. (1)

## ڪمالِ ايمان جي لاءِ ضروري عمل

اي عاشقان رسول! اسلام ۾ پاڙيسريءَ کي تمام گهڻي اهميت ڏني وئي آهي، ايتري قدر جو اُهي اعمال جن جي ذريعي اسان جو ايمان ڪامل ٿيندو آهي، انهن ۾ پاڙي وارن سان حُسنِ سلوڪ کي بہ شامل ڪيو ويو آهي يعني اسان ان وقت تائين ڪامل مؤمن نہ ٿا ٿي سگهون جيستائين پاڙي وارن جا حق ادا نہ ٿا ڪريون. حضرت عبدالله بن مسعود رَضِیَ اللّٰہُ عَنہ کان روايت آهي، الله پاڪ جي آخري نبي، رسول هاشمي صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ وَ اٰلِہٖ وَسَلَّم فرمايو: لَا يُؤْمِنُ عَبْدٌ لَا يَأْمَنُ جَارُهٗ بَوَائِقَهٗ اُهو شخص (ڪامل) مؤمن نہ آهي جنهن جو پاڙيسري سندس شَرَ کان محفوظ نہ آهي. (2)

## اُهو ايمان وارو نہ ٿو ٿِي سگهي جيڪو.......

هڪ ڀيري الله پاڪ جي آخري نبي، رسول هاشمي صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ وَ اٰلِہٖ وَسَلَّم 3 دفعا الله پاڪ جو قسم کڻي، ارشاد فرمايو: وَاللّٰهِ لَا يُؤْمِنُ الله جو قسم! اُهو مؤمن نہ ٿو ٿي سگهي وَاللّٰهِ لَا يُؤْمِنُ الله جو قسم! اُهو مؤمن نہ ٿو ٿي سگهي وَاللّٰهِ لَا يُؤْمِنُ الله جو قسم! اُهو مؤمن نہ ٿو ٿي سگهي. صحابہ ڪرام عليهمُ الرِّضْوَان عرض ڪيو: يارسول الله صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ وَ اٰلِہٖ وَسَلَّم ڪير مؤمن نہ ٿو ٿي سگهي؟

---

[1]...ابن ماجہ، ڪتاب:الزہد، باب:الثناء الحسن، صفحہ:685، حديث:4222۔

[2]...مسند بزار، جلد:16، صفحہ:215، حديث:9362۔

فرمايائون: اَلَّذِیْ لَایَاْمَنُ جَارُہٗ بَوَائِقَهٗ اُهو جنهن جو پاڙيسري اُن جي شَرَ کان محفوظ نہ هجي. (1)

خير خواہ ہم بھی پڑوسی کے بنیں | یہ کرم یا مصطفٰے فرمایئے!
نعمتِ اخلاق کر دیجیے عطا | یہ کرم یا مصطفٰے فرمایئے!

## پاڙي وارن جي ڪجهہ حَقن جو بيان

شهنشاهِ مدينہ، راحتِ قلب و سينہ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَ آلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: ڄاڻو ٿا پاڙي واري جو حق ڇا آهي؟ پوءِ فرمايائون: ◈ جيڪڏهن هُو توهان کان مدد گهري تہ سندس مدد ڪريو ◈ جيڪڏهن توهان کان قرض گهري تہ کيس قرض ڏيو ◈ جيڪڏهن اُهو محتاج آهي تہ سندس حاجت پوري ڪريو ◈ جيڪڏهن بيمار ٿي پوي تہ سندس عيادت ڪريو ◈ جيڪڏهن هُو وفات ڪري وڃي تہ سندس جنازي ۾ شرڪت ڪريو ◈ جيڪڏهن ان کي ڪا ڀلائي پهچي تہ کيس مبارڪ ڏيو ◈ جيڪڏهن کيس ڪا مصيبت پهچي تہ ساڻس تعزيت ڪريو ◈ سندس اجازت کانسواءِ پنهنجو گهر ان جي گهر کان اوچو (مٿانهون) نہ ٺاهيو، تہ جيئن کيس هوا نہ پهچي سگهي. ◈ پاڙيسريءَ کي تڪليف نہ پهچايو ◈ جيڪڏهن توهان ڪو ميوو خريد ڪري اچو تہ ان مان پاڙي واري کي بہ ڪجهہ موڪليو ◈ جيڪڏهن ايئن نہ ڪري سگهو تہ لِڪائي ڪٺي وڃو ۽ پنهنجن ٻارن کي بہ اُهو ميوو گهر کان ٻاهر نہ ڪڻي وڃڻ ڏيو ڇوتہ پاڙيسري جا ٻار اهو ميوو ڏسي غمگين ٿيندا ◈ ۽ پنهنجي ڪاڙهي جي خوشبو سان بہ پاڙي واري کي تڪليف نہ پهچايو پر هي تہ ڪجهہ ٻوڙ ان کي بہ موڪلي ڏيو. ايترو فرمائڻ کان پوءِ پياري آقا، مڪي مدني مصطفٰے صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَ آلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: اَتَدْرُوْنَ مَاحَقُّ الْجَارِ وَالَّذِیْ نَفْسِیْ بِیَدِہٖ مَایَبْلُغُ حَقَّ الْجَارِ اِلَّا قَلِیْلًا مِّمَّن

---

1...بخاری، کتاب:الادب، صفحہ:1500، حدیث:6016۔

رَحِمَہُ اللّٰہ يعني جاڻو ٿا پاڙيسريءَ جو حق ڇا آهي؟ اُن ذات جو قسم جنهن جي قبضي ۾ منهنجي جان آهي! پاڙيسريءَ جو حق صرف ۽ صرف اُهو ئي ادا ڪري سگهي ٿو جنهن تي الله پاڪ رحم فرمائي. (1)

## بيان جو خلاصو

پيارا اسلامي ڀائرو! هي ڪجھ روايتون اسان ٻڌيون، جن جو خلاصو هي آهي تہ ◈ هر قسم جو نيڪ عمل ◈ بزرگن جو ادب ڪرڻ ◈ والدين جي خدمت ڪرڻ ◈ صِلہءِ رحمي ◈ حُسنِ اخلاق ◈ ۽ پاڙي وارن سان نيڪ سلوڪ ڪرڻ، اهڙا نيڪ اعمال آهن جن جي برڪت سان عمر ۾ برڪت ٿيندي آهي. الله پاڪ اسان کي اِهي سڀ نيڪ اعمال بجا آڻڻ جي توفيق عطا فرمائي ۽ اسان کي نيڪين سان ڀرپور ڊگهي حياتي ۽ مديني پاڪ ۾ ايمان ۽ عافيت سان شهادت جو موت نصيب فرمائي. اٰمِيۡن بِجَاہِ خاتَمِ النَّبِیّٖن صلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم

صَلُّوا عَلَى الۡحَبِيب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

## مفتي امجد علي اعظمي رحمۃُ اللّٰہِ علیہ جو ذڪرِ خير

پيارا اسلامي ڀائرو! ذوالقعدة الحرام جو مهينو تشريف آڻڻ وارو آهي، 2 ذوالقعد تي يومِ صدر الشريعہ ملهايو ويندو آهي.

اچوتہ بيان جي آخر ۾ صدر الشريعہ مفتي امجد علي اعظمي رحمۃُ اللّٰہِ علیہ جو ذڪرِ خير بہ ٻڌي وٺون ٿا: ◈ محسنِ اهلسنت، خليفہءِ اعليٰ حضرت، مصنفِ بهارِ شريعت، حضرت علامہ مولانا مفتي محمد امجد علي اعظمي رضوي، سني، حنفي، قادري، برڪاتي رحمۃُ اللّٰہِ علیہ **1300** هجريءَ ۾ هندستان جي هڪ ڳوٺ، مدينة العُلماء گهوسي شريف ۾ پيدا ٿيا ◈ پاڻ ابتدائي تعليم

---

[1]...شعب الايمان،باب: فی اکرام الجار، جلد:7، صفحہ:83، حديث:9560۔

پنهنجي ڏاڏي حضرت مولانا خدا بخش رحمۃُاللہِعلیہ کان پنهنجي گهر ۾ ئي حاصل ڪيائون ◈ پوءِ پنهنجي ڳوٺ ۾ ئي مدرسہ ناصر العلوم ۾ پڙهندا رهيا ◈ پوءِ جونپور آيا ۽ مولانا محمد صديق رحمۃُاللہِعلیہ کان ڪجھ اسباق پڙهيائون، آخر حضرت علامہ هدايت الله خان رحمۃُاللہِعلیہ جي خدمت ۾ حاضر ٿي درسِ نظامي يعني عالم ڪورس مڪمل ڪيائون ◈ ان کان پوءِ پاڻ رحمۃُ اللہِعلیہ پيلي ڀيت ۾ حضرت مولانا وَصي احمد سورتي رحمۃُاللہِعلیہ جي خدمت ۾ حاضر ٿيا ۽ انهن کان دورهءِ حديث شريف مڪمل ڪيائون. (1)

◈ صدر الشريعہ رحمۃُاللہِعلیہ کي هيءَ سعادت بہ نصيب ٿي جو پاڻ 18 سالن تائين اعليٰ حضرت رحمۃُاللہِعلیہ جي صحبت بابرڪت ۾ حاضر رهيا. (2)

مُرْشِدِ کامِل کا مَنْظُورِ نظر امجد علی | اس پہ دائم لطف فرما چشمِ حق بینِ رضا

**وضاحت:** يعني صدر الشريعہ مفتي محمد امجد علي رحمۃُاللہِعلیہ پنهنجي پير و مرشد، اعليٰ حضرت رحمۃُاللہِعلیہ جا منظورِ نظر آهن، اعليٰ حضرت رحمۃُاللہِعلیہ جي حق کي سڃاڻڻ ۽ ڄاڻڻ واري نظر هميشه انهن جي مٿان لطف فرمائي رهي آهي.

پيارا اسلامي ڀائرو! صدر الشريعہ، مولانا امجد علي اعظمي رحمۃُاللہِعلیہ اعليٰ حضرت رحمۃُاللہِعلیہ جي خدمت باسعادت ۾ حاضر ٿيڻ کان پوءِ سڄي عمر خدمتِ دين ۾ ئي مصروف رهيا، آخر 1367 هجري مطابق 1948ع ۾ پاڻ رحمۃُاللہِعلیہ حج جو ارادو فرمايو ۽ مديني پاڪ جي طرف روانو ٿيڻ واري جهاز ۾ سوار ٿيڻ لاءِ پنهنجي ڳوٺ مدينة العلماء گهوسيءَ شريف کان بمبئي تشريف کڻي آيا، هتي ڪين نمونيا تي پيو ۽ ٻيڙي ۾ سوار ٿيڻ کان اڳ ئي ذوالقعده شريف جي ٻين رات، 12 لڳي 26 منٽن تي هن دنياءِ فانيءَ کان

---

1...تَذْكِرَة صَدْرُ الشَّرِيْعَہ، صفحہ:5-6۔

2...تَذْكِرَة صَدْرُ الشَّرِيْعَہ، صفحہ:8-15 ملتقطاً۔

رخصت ٿي ويا. (1)

اي عاشقان رسول! موت تہ سيني کي اچڻو ئي اچڻو آهي پر صدر الشريعہ رحمةُاللهِعليه جو مقدر ڏسو جو سفرِ حج دوران پاڻ رحمةُاللهِعليه آخرت جي سفر جو آغاز فرمايو ۽ حديث پاڪ مطابق جيڪو شخص حج ڪرڻ لاءِ پنهنجي گهر کان نڪري ۽ رستي ۾ ئي وفات ڪري وڃي تہ قيامت تائين ان جي لاءِ حج ڪرڻ جو ثواب لکيو ويندو آهي. (2)

مدینے کا مسافر ہند سے پہنچا مدینے میں | قدم رکھنے کی بھی نوبت نہ آئی تھی سفینے میں

صَلُّوا عَلَی الْحَبِیب! صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

## دعوتِ اسلامي جي هڪ شعبي جو تعارف: اِصلاح اعمال

الحمدلله! دعوتِ اسلامي امت جي خير خواهہ ۽ نيڪين جي ترغيب ڏيارڻ واري ديني تنظيم آهي، دعوتِ اسلامي مختلف شعبن جي ذريعي امت جي خير خواهي جو ڪم سر انجام ڏئي رهي آهي، انهن ئي شعبن مان هڪ شعبو: **اصلاح اعمال** بہ آهي. هن شعبي جي ذريعي پنهنجي اعمال جو جائزو وٺڻ، مختلف نيڪ اعمال مثال طور ◈ روزا رکڻ ◈ فضوليات کان بچندي خاموش رهڻ ◈ نِگاهن کي گناهن کان بچائيندي نظرون هيٺ رکڻ وغيرهہ جو ذهن ڏنو ويندو آهي.

هاڻي ئي اجتماع کان بعد يا ٻئي ڪنهن بہ وقت پنهنجي علائقي جي نيڪ اعمال جي ذميدار کان ان بابت وڌيڪ تفصيل معلوم ڪريو يا مڪتبة المدينہ تان **نيڪ اعمال** جو رسالو خريد ڪريو، چاهيو تہ موبائل فون ۾ نيڪ

---

1...تَذْكِرَۂ صَدْرُ الشَّرِيْعَہ، صفحہ:39۔

2...مُسند ابو يعلى، جلد:5، صفحہ:44، حديث:6350۔

اعمال ايپلي ڪيشن ڊائون لوڊ ڪيو. ان ۾ ڏنل سوالن کي پڙهو ◈ هر سوال جي هينئان 30 خانا آهن ◈ انهن جي ذريعي روزانو پنهنجي عملن جو جائزو وٺو! اِنْ شَآءَ اللهُ الْكَرِيْم! تمام گهڻو فائدو ٿيندو ◈ اخلاق سنورجندا ◈ ڪردار سٺرو ٿيندو ◈ عادتون بهتر ٿينديون ◈ نيڪين تي استقامت ملندي ◈ گناهن کان نفرت ٿيندي ◈ دل روشن ٿيندي ◈ محبتِ الٰهي نصيب ٿيندي ◈ عشقِ رسول ۾ اضافو ٿيندو ◈ روحانيت ملندي ۽ ◈ فڪرِ آخرت نصيب ٿيندو.

هن شعبي جي تحت گذريل هڪ سال ۾ **47 لک** کان وڌيڪ نيڪ اعمال جا رسالا وصول ٿيا، تقريباً **1 لک 19 هزار** تهجد ۽ سحري اجتماع ٿيا جن ۾ **14 لک 50 هزار** کان وڌيڪ ماڻهن شرڪت ڪئي.

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## ڪجھ ضروري اعلانات

پيارا اسلامي ڀائرو! ◈ هر ڇنڇر تي امير اهلسنت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه مدني چينل تي لائيو هفتيوار مدني مذاڪرو فرمائيندا آهن، ايندڙ ڇنڇر تي به مدني چينل تي عشاء جي نماز کان پوءِ اِنْ شَآءَ اللهُ الْكَرِيْم! هفتيوار مدني مذاڪرو ٿيندو، جنهن ۾ امير اهلسنت مولانا محمد الياس عطار قادري دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه سوالن جا جواب به عنايت فرمائيندا. سيئي ذميدار ۽ عاشقانِ رسول هن مدني مذاڪري ۾ پاڻ به شرڪت فرمائن ۽ ٻين کي به ان جي دعوت ڏين. ◈ شيخ طريقت، امير اهلسنت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه هر هفتي هڪ ديني رسالو پڙهڻ جي ترغيب به ارشاد فرمائيندا آهن، ايندڙ هفتي جي مدني مذاڪري ۾ رسالي "**تحريراتِ عطار (اَراڪينِ شورا جي نانءُ)**" جو اعلان ڪيو ويندو. هي رسالو پاڻ به پڙهو! ٻين کي به پڙهڻ جي ترغيب ڏياريو ۽ جيڪي سوشل ميڊيا مثلاً

واٽس ايپ وغيره استعمال ڪندا آهن، اللّٰه پاڪ جي رضا ۽ ثواب حاصل ڪرڻ لاءِ هي رسالو ٻين سان به شيئر (*Share*) ڪريو! ◈ مڪتبة المدينه هڪ خوبصورت ڪتاب **صحابيات وصالحات جا اعليٰ اوصاف** ترتيب ڏنو آهي. هن ڪتاب ۾ اسلامي تاريخ جي عظيم عورتن (صحابيات ۽ نيڪ بيبيون) جي پاڪيزه ڪردار ۽ سندن زندگيءَ جي مختلف پهلوئن کي اجاگر ڪيو ويو آهي، هي ڪتاب خاص طور تي اسان جي انهن عورتن ۽ نياڻين لاءِ هڪ بهترين تحفو آهي، جيڪي عورتون پنهنجي زندگي کي صحابيات جي نقشِ قدم تي هلائڻ چاهن ٿيون، اُهي هي ڪتاب مڪتبة المدينه جي ڪنهن به شاخ تان **620 روپين** ۾ قيمتاً طلب فرمائن.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

## عشر جي ترغيب

پيارا اسلامي ڀائرو! عاشقانِ رسول جي ديني تنظيم دعوتِ اسلامي 80 کان وڌيڪ شعبن جي ذريعي ديني ۽ فلاحي ڪمن ۾ مصروف آهي، انهن ڪمن کي سرانجام ڏيڻ لاءِ وڏي رقم جي ضرورت هوندي آهي. هن وقت ڪڻڪ جي لاباري (ڪٽائي) جو موسم آهي، هاري عاشقانِ رسول انهن ڏينهن ۾ پنهنجي فصل جو خاص طور تي عشر ڪيندا آهن. آبادگار عاشقانِ رسول کي عرض آهي ته پنهنجو عشر دعوتِ اسلامي کي ڏيو ۽ جن اسلامي ڀائرن جا هاري اسلامي ڀائرن سان رابطا هجن، اهي انهن کي هن جو ذهن ڏين.

اللّٰه پاڪ عمل جي توفيق عطا فرمائي. اٰمِيْن بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

پيارا اسلامي ڀائرو! بيان کي اختتام ڏانهن آڻيندي سنت جي فضيلت ۽

زندگيءَ جا ڪجھ آداب بيان ڪرڻ جي سعادت حاصل ڪري رهيو آهيان. تاجدارِ رسالت، شهنشاهِ نبوت صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: مَنْ أَحَبَّ سُنَّتِي فَقَدْ أَحَبَّنِي وَمَنْ أَحَبَّنِي كَانَ مَعِي فِي الْجَنَّةِ جنهن منهنجي سنت سان محبت ڪئي ان مون سان محبت ڪئي ۽ جنهن مون سان محبت ڪئي اهو جنت ۾ مون سان گڏ هوندو. (1)

سينہ تيری سُنّت کا مدينہ بنے آقا! | جنت ميں پڑوسی مجھے تم اپنا بنانا

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

## تلاوتِ قرآن سنت آهي

**2 فرامينِ آخري نبي، رسولِ هاشمي** صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم: **(1):** منهنجي امت جي افضل عبادت تلاوتِ قرآن آهي. (2)

اي عاشقان رسول! قرآن ڪريم جي تلاوت ڪرڻ سنت آهي. اسان جا پيارا آقا، مڪي مدني مصطفٰي صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم ڪثرت سان قرآن ڪريم جي تلاوت فرمائيندا هئا ◈ حضرت عائشہ صديقہ رَضِيَ اللّٰهُ عنها فرمائن ٿيون: ڪا بہ شيءِ پاڻ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم کي تلاوت کان نہ روڪيندي هئي ◈ پاڻ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم رات جي نماز ۾ ڪڏهن ڪڏهن پوري سورت بقره ۽ سورت آل عمران جي تلاوت فرمائيندا هئا (3) ◈ روزانو رات جو سورت اخلاص، سورت فلق ۽ سورت الناس جي تلاوت ڪري سمهندا هئا. (4)

---

[1]...تاريخ مدينہ دمشق، جلد:9، صفحہ:343۔

[2]...شعب الايمان، باب فی تعظيم القرآن، جلد:2، صفحہ:354، حديث:2022 ۔

[3]...شمائل محمديہ، باب فی صوم رسول اللہ صَلَّى اللہُ عَلَيْہِ وَ آلہ وَسَلَّم، صفحہ:121، حديث:320۔

[4]...شمائل محمديہ، باب ما جاء فی نوم رسول اللہ صلی اللہُ عَلَيْہِ وَ آلہ وَسَلَّم، صفحہ:102، حديث:264۔

الله پاڪ اسان کي بہ خوب تلاوتِ قرآن ڪرڻ جي توفيق عطا فرمائي.

اٰمِيۡن بِجَاہِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صلَّی اللہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم

الٰہی خوب دے شوق قرآں کی تلاوت کا | شَرَف دے گنبدِ خضرا کے سائے میں شہادت کا

مختلف سنتون سکڻ جي لاءِ مڪتبة المدينہ جو شايع ٿيل ڪتاب **بهار شريعت** جلد: **3** مان حصو **16** ۽ شيخ طريقت، امير اهل سنت **مولانا الياس قادري** دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه جو **91** صفحن تي مشتمل رسالو **550 سنتون ۽ آداب** خريد فرمايو ۽ پڙهو. سنتون سکڻ جو هڪ بهترين ذريعو دعوت اسلامي جي قافلن ۾ عاشقانِ رسول سان گڏ سنتن پريو سفر ڪرڻ بہ آهي.

اُلفتِ مصطفےٰ اور خوفِ خدا | چاہیے گر تمہیں قافلے میں چلو
گر مدینے کا غم چاہیے چَشمِ نَم | لینے یہ نعمتیں قافلے میں چلو[1]

الله پاڪ اسان کي عمل ڪرڻ جي توفيق عطا فرمائي.

اٰمِيۡن بِجَاہِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صلَّی اللہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيب!   صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

[1]...وسائل بخشش، صفحہ:669۔